

# ضیاءِ درود و سلام


شیخِ طریقت، امیرِ اہلسنت، بانیِ دعوتِ اسلامی حضرت علامہ مولانا ابو بلال

**محمد الیاس عطار قادری رضوی** دامت برکاتہم العالیہ

# ضياءِ دُرُود و سلام

هي رسالو "ضياءِ دُرود و سلام" شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي **حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال مُحَمّد الياس عَطار قَادِري رَضَوي** دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو اردو زبان ۾ شايع ٿيل آهي.

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**پيشڪش: مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي)**

**رابطي جي لاءِ**


**مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز**

**فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 1262

**Email:** translation@dawateislami.net


www.dawateislami.net

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# ضياءِ دُرُود و سلام

شيطان ڪيترو به سستي ڏياري هي رسالو شروع ڪان آخر تائين مڪمل پڙهي ايمان ڪي تازگي بخشيو.

## 40 حديثون ٻين تائين پهچائڻ جي فضيلت

فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو شخص منهنجي اُمت تائين پهچائڻ جي لاءِ ديني معاملن بابت 40 حديثون ياد ڪندو ته ان کي الله عَزَّوَجَلَّ قيامت جي ڏينهن ديني عالِم جي حيثيت ۾ اٿاريندو ۽ قيامت جي ڏينهن مان ان جو شفيع ۽ گواهه ٿيندس. (شعب الايمان ج 2، ص 270، حديث 1726) ان مان مراد چاليهه حديثن جو ماڻهن تائين پهچائڻ آهي جيتوڻيڪ اهي ياد نه هجن. (اشعة اللمعات ج 1، ص 186) هن حديث شريف ۾ بيان ٿيل فضيلت کي حاصل ڪرڻ جي نيّت سان دُرُود شريف جي فضيلتن تي مشتمل 40 فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پيش ڪيا وڃن ٿا.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## 40 فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

﴿1﴾ جيڪو مون تي **هڪ ڀيرو** دُرُود پاڪ پڙهي الله تعالٰي ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (صحيح مسلم ص 216، حديث 408)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو دُرود پاڪ پڙهي الله تعالٰي ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

﴿2﴾ قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي وڌيڪ ويجهو اهو شخص هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي وڌيڪ دُرُود پاڪ پڙهيا هوندا.
(سنن ترمذي ج 2، ص 27، حديث 484)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿3﴾ جيڪو مون تي هڪ ڀيرو دُرُود پاڪ پڙهي الله عَزَّوَجَلَّ ان تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي ۽ ان جي اعمال نامي ۾ ڏهہ نيڪيون لکندو آهي. (سنن ترمذي ج 2، ص 28، حديث 484)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿4﴾ مسلمان جيسيتائين مون تي دُرُود شريف پڙهندو رهندو آهي فرشتا ان تي رحمتون موڪليندا رهندا آهن، هاڻي ٻانهي جي مرضي آهي گهٽ پڙهي يا زياده. (ابن ماجه ج 1، ص 490، حديث 907)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿5﴾ نماز کان پوءِ حمد و ثناء ۽ دُرُود شريف پڙهڻ واري کي ارشاد فرمايائون: ”دعا گهر قبول ڪئي ويندي، سوال ڪر عطا ڪيو ويندو.“
(نسائي ص 220، حديث 1281)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿6﴾ جبريل (عَلَيۡهِ السَّلَام) مون کي عرض ڪيو تہ رب تعالٰي فرمائي ٿو: ”اي محمد! (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ڇا تون انهيءَ ڳالهہ تي راضي ناهين جو تنهنجو امتي تو تي هڪ سلام موڪلي، مان ان تي ڏهہ سلام موڪليان؟“ (نسائي ص 222، حديث 1292)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان دُرود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي دُرود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع صغير)

﴿7﴾ جيڪو مون تي هڪ ڀيرو دُرُود پاڪ پڙهي الله عَزَّوَجَلَّ ان تي ڏهه رحمتون نازل فرمائيندو آهي، ڏهه گناهه مٽائيندو آهي ۽ ڏهه درجا بلند فرمائيندو آهي. (نسائي ص 222، حديث 1294)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿8﴾ جيڪو مون تي هڪ ڀيرو دُرُود پاڪ پڙهي الله عَزَّوَجَلَّ ان تي ڏهه رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي ڏهه ڀيرا دُرُود پاڪ پڙهي الله عَزَّوَجَلَّ ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي سؤ ڀيرا دُرُود پاڪ پڙهي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي ته هي نفاق ۽ جهنّم جي باهه کان آزاد آهي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو.

(معجم اوسط ج 5، ص 252، حديث 2735)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿9﴾ جيڪو مون تي هڪ ڏينهن ۾ 50 ڀيرا دُرُود پاڪ پڙهي قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس (يعني هٿ ملائيندس).

(القربة الي رب العٰلمين، لابن بشكوال ص 90، حديث 90)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿10﴾ جيڪو مون تي هڪ ڏينهن ۾ هڪ هزار ڀيرا دُرُود پاڪ پڙهي اهو ان وقت تائين نه مرندو جيسيتائين جنّت ۾ پنهنجو مقام نه ڏسي وٺي. (الترغيب في فضائل الاعمال لابن شاهين ص 14، حديث 19)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي دُرود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو.** (ابن عدي)

﴿11﴾ جنهن ڏينهن ۽ رات ۾ منهنجي طرف شوق ۽ محبت جي ڪري ٽي ٽي ڀيرا دُرُود پاڪ پڙهيا **الله** عَزَّوَجَلَّ تي حق آهي تہ هو انهيءَ جي ان ڏينهن ۽ ان رات جا گناهہ بخشي ڇڏي.

(معجم ڪبير ج 18، ص 362، حديث 928)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿12﴾ توهان جتي بہ هجو مون تي دُرُود پاڪ پڙهو توهان جو دُرُود مون تائين پهچندو آهي. (معجم ڪبير ج 3، ص 82، حديث 2729)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿13﴾ بيشڪ اوهان جا نالا سجاڻپ سان گڏ مون تي پيش ڪيا ويندا آهن، انهيءَ ڪري مون تي بهترين الفاظ ۾ دُرُود پاڪ پڙهو.

(مصنف عبدالرزاق ج 2، ص 140، حديث 3116)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿14﴾ بيشڪ جبرائيل (عَلَیۡہِ السَّلَام) مون کي خوشخبري ڏني: جيڪو پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي دُرُود پاڪ پڙهندو آهي، **الله** عَزَّوَجَلَّ ان تي رحمت موڪليندو آهي ۽ جيڪو پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي سلام پڙهندو آهي، **الله** عَزَّوَجَلَّ ان تي سلامتي موڪليندو آهي.

(مسند امام احمد بن حنبل ج 1، ص 407، حديث 1664)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿15﴾ حضرت سيدنا اُبَيِّ بِنۡ ڪَعب رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ عرض ڪيو تہ مان (سيئي ورد وظيفا ڇڏي ڏيندس ۽) پنهنجو سجو وقت دُرُود شريف پڙهڻ ۾ گذاريندس تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اهو توهان جي فڪرن کي دور ڪرڻ جي لاءِ ڪافي ٿيندو ۽ توهان جا

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي ڏهه ڀيرا دُرود پاڪ پڙهي الله تعالٰي ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائي ٿو. (طبراني)

گناهه معاف ڪيا ويندا. (ترمذي ج 4، ص 207، حديث 2465)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿16﴾ جنهن مون تي صبح ۽ شام ڏهه ڏهه ڀيرا دُرُود پاڪ پڙهيا ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت نصيب ٿيندي.

(مجمع الزوائد ج 10، ص 163، حديث 17022)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿17﴾ مون تي ڪثرت سان دُرُود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي دُرُود پاڪ پڙهڻ توهان جي لاءِ پاڪيزگي جو سبب آهي.

(مسند ابي يعلي ج 5، ص 458، حديث 6383)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿18﴾ الله عَزَّوَجَلَّ جي واسطي پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن ۽ مصافحو ڪن (يعني هٿ ملائن) ۽ نبي (صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) تي دُرُود پاڪ موڪلين ته انهن جي الگ ٿيڻ کان پهريان ٻنهي جا اڳيان پويان گناهه بخشيا ويندا آهن. (مسند ابي يعلي ج 3، ص 95، حديث 2951)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿19﴾ جنهن هي چيو "اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ[1]" ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي وئي.

(معجم ڪبير ج 5، ص 25، حديث 4480)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

[1] اي الله عَزَّوَجَلَّ! حضرت محمد صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي رحمت نازل فرما ۽ انهن کي قيامت جي ڏينهن پنهنجي بارگاهه ۾ مقرب مقام عطا فرما.

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي دُرود پاڪ پڙهو توهان جو دُرود مون تائين پهچي ويندو آهي. (طبراني)

﴿20﴾ جنهن ڪتاب ۾ مون تي دُرُود پاڪ لکيو تہ جيستائين منهنجو نالو ان ۾ رهندو فرشتا ان جي لاءِ اِسْتِغْفار (يعني بخشش جي دعا) ڪندا رهندا. (معجم اوسط ج 1، ص 497، حديث 1835)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿21﴾ اي انسانؤ! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن (يعني گهبراهٽن) ۽ حساب ڪتاب کان جلد ڇوٽڪارو حاصل ڪندڙ شخص اهو هوندو جنهن توهان مان مون تي دنيا ۾ ڪثرت سان دُرُود پاڪ پڙهيا هوندا. (الفردوس بماثور الخطاب ج 5، ص 277، حديث 8175)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿22﴾ مون تي ڪثرت سان دُرُود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي دُرود پاڪ پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (ابن عساڪر ج 61 ص 381)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿23﴾ جيڪو مون تي هڪ ڀيرو دُرُود پاڪ پڙهندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ قيراط اُحُد جبل جيترو آهي. (مصنف عبدالرزاق ج 1، ص 39، حديث 153)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿24﴾ بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ هڪ فرشتو منهنجي قبر تي مقرر فرمايو آهي جنهن کي سڀني مخلوق جو آواز ٻڌڻ جي طاقت عطا فرمائي آهي، پوءِ قيامت تائين جيڪو مون تي دُرُود پاڪ پڙهندو آهي تہ اهو مون کي ان جو ۽ ان جي پيءُ جو نالو پيش ڪندو آهي، چوندو آهي: ”فلاڻي پٽ فلاڻي جي اوهان تي هن وقت دُرود پاڪ

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي ڪثرت سان دُرود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابويعلٰي)

پڙهيو آهي.“ (مسند بزار ج 4، ص 255، حديث 1425)

سُبحٰن اللهِ عَزَّوَجَلَّ! دُرُود شريف پڙهڻ وارو ڪيتري قدر نصيب وارو آهي جو ان جو نالو پيءُ جي نالي سان گڏ بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ پيش ڪيو ويندو آهي، هتي هي نڪتو بہ نهايت ئي ايمان افروز آهي جو قبر منور تي حاضر فرشتي کي ايتري قدر زياده ٻڌڻ جي قوت عطا ڪئي وئي آهي جو اهو دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هڪ ئي وقت جي اندر دُرُود شريف پڙهڻ وارن لکين مسلمانن جو گهڻو آهستہ آواز بہ ٻڌي وٺندو آهي. جڏهن دربار جي خادم جي ٻڌڻ جي قوت جو هي حال آهي تہ سرڪارِ والاتبار، مڪي مديني جي تاجدار، محبوب پروردگار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اختيارات جو ڇا شان هوندو! اهي ڇو نہ پنهنجي غلامن کي سڃاڻيندا ۽ ڇو نہ انهن جي فرياد ٻڌي بِاِذن **الله تعالٰي** (يعني الله تعالیٰ جي اجازت سان) انهن جي مدد فرمائيندا!

اور کوئی غیب کیا تم سے نِہاں ہو بھلا　　جب نہ خدا ہی چھپا تُم پہ کروڑوں دُرود
میں قرباں اس ادائے دست گیری پر　　مرے آقا مدد کو آگئے جب بھی پکارا یارسول اللہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**﴿25﴾** جنهن کي هي پسند هجي تہ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ پيش ٿيڻ وقت **الله** عَزَّوَجَلَّ ان کان راضي هجي تہ ان کي گهرجي تہ مون تي ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهي.

(فردوس الاخبار بماثور الخطاب ج 2، ص 284، حديث 6083)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي دُرود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

﴿26﴾ فرض حج ڪيو، بيشڪ ان جو اجر 20 غزون ۾ شرڪت ڪرڻ ڪان وڌيڪ آهي ۽ مون تي هڪ ڀيرو دُرود پاڪ پڙهڻ ان جي برابر آهي. (ايضاً ج 1، ص 339، حديث 2484)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿27﴾ قيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ جي عرش جي ڇانوَ کان سواءِ ڪا ڇانوَ نہ هوندي. ٽي شخص الله عَزَّوَجَلَّ جي عرش جي ڇانوَ ۾ هوندا. عرض ڪيو ويو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي ماڻهو ڪِير هوندا؟ ارشاد فرمايائون: (1) اهو شخص جيڪو منهنجي امتي جي پريشاني دور ڪري (2) منهنجي سُنت کي زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهڻ وارو.
(البدور السافرة للسيوطي ص 131، حديث 366)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿28﴾ جنهن هي چيو: "جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ"[2] 70 فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين ان لاءِ نيڪيون لکندا رهندا.
(معجم اوسط ج 1، ص 82، حديث 235)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿29﴾ مون تي دُرُود شريف پڙهو الله عَزَّوَجَلَّ توهان تي رحمت موڪليندو.
(الكامل لابن عدي ج 5، ص 505)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[2] الله عَزَّوَجَلَّ اسان جي طرف کان حضرت محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهڙي جزا عطا فرمائي جنهن جا اهي اهل آهن.

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو دُرود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

﴿30﴾ جڏهن اوهان رسولن (عَلَيْهِمُ السَّلَام) تي دُرُود پاڪ پڙهو ته مون تي به پڙهو، بيشڪ مان سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

(جمع الجوامع للسيوطي ج 1، ص 320، حديث 2354)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿31﴾ جنهن قرآن پاڪ پڙهيو، ربّ تعاليٰ جي حمد ڪئي ۽ نبي (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي دُرُود شريف پڙهيو ۽ پنهنجي ربّ کان مغفرت طلب ڪئي ته ان پنهنجي جاءِ تان ڀلائي تلاش ڪري ورتي.

(شعب الايمان ج 2 ص 373، حديث 2084)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿32﴾ مون تي دُرُود شريف پڙهي پنهنجي مجلسن کي سينگاريندا ڪريو جو توهان جو دُرود پاڪ پڙهڻ قيامت جي ڏينهن اوهان جي لاءِ نور ٿيندو. (فردوس الاخبار ج 1، ص 422، حديث 3149)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿33﴾ جمعي جي رات ۽ جمعي جي ڏينهن مون تي دُرُود پاڪ ڪثرت سان پڙهو چو جو اوهان جو دُرُود پاڪ مون تي پيش ڪيو ويندو آهي. (معجم اوسط ج 1، ص 84، حديث 241)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿34﴾ جمعي جي رات ۽ جمعي جي ڏينهن (يعني خميس جي سج لهڻ کان وٺي جمعي جي سج لهڻ تائين) مون تي دُرُود پاڪ جي ڪثرت ڪندا ڪريو، جيڪو ائين ڪندو قيامت جي ڏينهن مان ان جو شفيع ۽ گواهه ٿيندس. (شعب الايمان ج 3، ص 111، حديث 3033)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام دُرود پاڪ پڙهيا ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.** (مجمع الزوائد)

﴿35﴾ جڏهن خميس جو ڏينهن ايندو آهي **الله** عَزَّوَجَلَّ فرشتن کي موڪليندو آهي جن وٽ چاندي جا ڪاغذ ۽ سون جا قلم هوندا آهن، اهي لکندا آهن ته ڪير خميس ۽ جمعي جي رات مون تي ڪثرت سان دُرُود پاڪ پڙهندو آهي. (الفردوس بماثور الخطاب ج 1، ص 184، حديث 688)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿36﴾ مون تي دُرُود پاڪ پڙهڻ پل صراط تي نور آهي، جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي 80 ڀيرا دُرود پاڪ پڙهندو ان جا 80 سالن جا گناهه معاف ٿي ويندا. (ايضاً ج 2، ص 408، حديث 3814)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿37﴾ جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن دُرُود شريف پڙهي آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.
(جمع الجوامع للسيوطي ج 7، ص 199، حديث 22352)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿38﴾ جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن مون تي سؤ ڀيرا دُرُود پاڪ پڙهي جڏهن هو قيامت جي ڏينهن ايندو ته ان سان گڏ هڪ اهڙو نور هوندو جو جيڪڏهن اهو سڀني مخلوق ۾ ورهايو وڃي ته سڀني لاءِ ڪافي ٿيندو. (حلية الاولياء ج 8، ص 49)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿39﴾ جيڪو مون تي جمعي جي رات ۽ جمعي جي ڏينهن سؤ ڀيرا دُرُود پاڪ پڙهي ته **الله** عَزَّوَجَلَّ ان جون سؤ حاجتون پوريون فرمائيندو، 70 آخرت جون ۽ 30 دنيا جون. (شعب الايمان ج 3، ص 111، حديث 3035)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي دُرود پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

﴿40﴾ جنهن مون تي جمعي جي ڏينهن ٻه سؤ ڀيرا دُرُود پاڪ پڙهيا ان جا ٻن سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا.

(جمع الجوامع للسيوطي ج 7، ص 199، حديث 22353)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دُرُود نه پڙهڻ جي نقصان بابت

### 8 فرمانِ نبوي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

﴿1﴾ جيڪي ماڻهو پنهنجي مجلس ۾ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي ذِڪر ۽ نبي (صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي دُرُود شريف پڙهڻ کان سواءِ اُٿي ويا ته اهي بدبودار مُردار تان اٿيا. (شعب الايمان ج 2، ص 215، حديث 1570)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿2﴾ جنهن وٽ منهنجو ذِڪر ٿئي ۽ ان مون تي دُرُود پاڪ نه پڙهيو ان جنّت جو رستو ڇڏي ڏنو. (معجم ڪبير ج 3، ص 128، حديث 2887)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿3﴾ ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذِڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرُود پاڪ نه پڙهي.

(ترمذي ج 5، ص 320، حديث 3556)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿4﴾ جنهن وٽ منهنجو ذِڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرُود شريف نه پڙهي ته ماڻهن ۾ اهو ڪنجوس ترين شخص آهي.

(مسند امام احمد بن حنبل ج 1، ص 429، حديث 1736)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن دُرود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

﴿5﴾ جيڪا قوم ڪنهن مجلس ۾ ويهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ذِڪر ۽ نبي (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) تي دُرود شريف نه پڙهي، اهي قيامت جي ڏينهن جڏهن ان جي جزا ڏسندا ته انهن تي حسرت طاري ٿيندي جيتوڻيڪ جنّت ۾ داخل ٿي وڃن. (ايضاً ج 3، ص 489، حديث 9972)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿6﴾ جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي دُرُود شريف نه پڙهيو ان جفا ڪئي. (مصنف عبدالرزاق ج 2، ص 142، حديث 3126)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿7﴾ جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي دُرُود پاڪ نه پڙهيو تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (عمل اليوم و الليلة لابن السني ص 336، حديث 381)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

﴿8﴾ جيڪي ماڻهو ڪنهن مجلس ۾ ويهندا آهن پوءِ ان ۾ نه اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ۽ نه ئي ان جي نبي (صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) تي دُرُود پاڪ پڙهندا آهن قيامت جي ڏينهن اها مجلس انهن جي لاءِ حسرت جو سبب بڻبي. (اللّٰه عَزَّوَجَلَّ) چاهي ته انهن کي عذاب ڏئي ۽ چاهي ته بخشي ڇڏي. (ترمذي ج 5، ص 247، حديث 3391)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## صحابہ کرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جا 5 ارشاد

﴿1﴾ فرمان سيدنا صديق اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ آهي: نبي ڪريم، رؤف رحيم عَلَيْهِ اَفْضَلُ الصَّلٰوةِ وَالتَّسْلِيْم تي دُرُود پاڪ پڙهڻ گناهن کي ايتري

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن جمعہ جي ڏينهن مون تي ٻہ سؤ ڀيرا دُرود پاڪ پڙهيا اَن جا ٻہ سؤ سالن جا گناھ معاف ٿيندا.** (كنزالعمال)

قدر جلدي ختم ڪندو آهي جو پاڻي بہ باھ کي ايترو جلدي ناهي وِسائيندو ۽ نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي سلام موڪلڻ غلامن کي آزاد ڪرڻ کان افضل آهي.

(تاريخ بغداد ج 7، ص 172)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿2﴾ فرمانِ سيدُتنا عائشہ صدّيقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا آهي: توهان پنهنجي مجلسن کي نبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرُود پاڪ پڙهي ڪري سينگاريو. (تاريخ بغداد ج 7، ص 216)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿3﴾ فرمان سيدنا فاروق اعظم رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ آهي: بيشڪ دعا زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ بيهي رهندي آهي ۽ ان مان ڪا شيءِ مٿي نہ ويندي آهي جيستائين جو اوهان پنهنجي نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرُود پاڪ نہ پڙهو. (ترمذي ج 2، ص 28، حديث 486)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿4﴾ فرمان سيدنا مولىٰ علي مشڪل ڪشا كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم آهي: هر شخص جي دعا پردي ۾ هوندي آهي ايتري تائين جو محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ آلِ محمد تي دُرود شريف پڙهي.

(معجم اوسط ج 1، ص 211، حديث 271)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

﴿5﴾ فرمان سيدنا عبدالله ابن عَمرو بن عاص رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ آهي: جيڪو نبي پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي هڪ ڀيرو

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرود شريف نہ پڙهي تہ اهو ماڻهن ۾ ڪنجوس ترين شخص آهي.** (ترغيب وترهيب)

دُرُود پاڪ پڙهندو، ان تي الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جا فرشتا 70 پيرا رحمت موڪليندا. (مسند امام احمد بن حنبل ج 2، ص 614، حديث 6766)

ڪعبے کے بدرالدجیٰ تم پہ کروڑوں دُرود
طیبہ کے شمس الضحیٰ تم پہ کروڑوں دُرود

(حدائق بخشش شریف ص264)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## فهرست


| | |
|---|---|
| 40 حديثون پين تائين پهچائڻ جي فضيلت | 1 |
| 40 فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم | 1 |
| دُرود نہ پڙهڻ جي نقصان بابت 8 فرمانِ نبوي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم | 11 |
| صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جا 5 ارشاد | 12 |


## ماخذ و مراجع


| ڪتاب | مطبوعہ | ڪتاب | مطبوعہ |
|---|---|---|---|
| مسلم | دار ابن حزم بيروت | الفردوس بماثور الخطاب | دار الكتب العلمية بيروت |
| ترمذي | دار الفكر بيروت | مجمع الزوائد | دارالفكر بيروت |
| ابن ماجه | دار المعرفة بيروت | جمع الجوامع | دار الكتب العلمية بيروت |
| نسائي | دار الكتب العلمية بيروت | الكامل | دار الكتب العلمية بيروت |
| مسند امام احمد | دارالفكر بيروت | تاريخ بغداد | دار الكتب العلمية بيروت |
| مصنف عبدالرزاق | دار الكتب العلمية بيروت | حلية الاولياء | دار الكتب العلمية بيروت |
| معجم كبير | داراحياءالتراث العربى بيروت | ابن عساكر | دار الفكر بيروت |
| معجم اوسط | دار الكتب العلمية بيروت | البدور السافرة | مؤسسة الكتب الثقافيه |
| مسند بزار | مكتبة العلوم والحكم | الترغيب في فضائل الاعمال | دار الكتب العلمية بيروت |
| مسند ابي يعلي | دار الكتب العلمية بيروت | القربة الي رب العٰلمين | دار الكتب العلمية بيروت |
| شعب الايمان | المكتبة العصرية بيروت | اشعة اللمعات | ڪوئٹه |
| عمل اليوم والليلة | دار القبلة للثقافية بيروت | حدائق بخشش | مكتبة المدينه باب المدينه ڪراچي |
| فردوس الاخبار | دارالفكر بيروت | | |

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان دُرود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي دُرود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع صغير)

# دُرُود شريف جي فضيلت


**حضرت سَيِّدُنا شيخ مُحمّد بن سُلَيمان جَزُوَلي** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: آئون سفر تي هئس، هڪ جڳهه تي نماز جو وقت ٿي ويو، اُتي کوهه (Well) ته هو پر ڏول (Bucket) ۽ رسي (Rope) نه هئي. آئون انهيءَ فڪر ۾ ئي هئس جو هڪ گهر جي مٿان هڪ ننڍي ڇوڪريءَ ڏٺو ۽ پڇيائين: اوهان ڇا ڳولهي رهيا آهيو؟ مون چيو: ڌيءُ! رسي ۽ ڏول. هن پڇيو: اوهان جو نالو؟ مون چيو: **محمّد بن سُلَيمان جَزُولي**. ڇوڪريءَ حيرت مان چيو: ڀلا اوهان اُهي ئي آهيو جنهن جو نالو ايترو مشهور آهي پر حال اهو آهي جو کوهه مان پاڻي به ٻاهر نه ٿا ڪڍي سگهو! اهو چئي هن کوهه ۾ ٿُڪ اڇلائي، ڪمال ٿي ويو! هڪدم پاڻي مٿي اچي ويو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه وضو ڪرڻ کان پوءِ ان ڇوڪريءَ کي فرمايو: ڌيءُ! سچ ٻڌاءِ تو اهو ڪمال ڪيئن حاصل ڪيو؟ چوڻ لڳي: ”آئون ڪثرت سان درود پاڪ پڙهندي آهيان، جنهن جي برڪت سان اهو ڪرم ٿيو آهي.“ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا: انهيءَ ”ڇوڪريءَ“ کان متاثر ٿي ڪري مون اُتي ئي عهد ڪيو ته دُرُود شريف جي باري ۾ ڪتاب لکندس. (پوءِ انهن دُرُود شريف جو ڪتاب **”دلائلُ الخيرات“** لکيو) (سعادة الدارين ص 159)

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# مسجِد سے تنکا اٹھا کر باہَر پھینک دیا

حضرتِ محمد بن منصور رَحْمَۃُ اللّٰہِ تعالٰی علیہ کہتے ہیں کہ ایک مرتبہ ہم امام بخاری عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْبَارِی کی مجلس میں موجود تھے کہ ایک آدمی نے اپنی داڑھی سے تنکا نکالا اور فرشِ مسجِد پر پھینک دیا، میں نے دیکھا کہ امام بخاری عَلَیْہِ رَحْمَۃُ اللّٰہِ الْبَارِی کبھی اس تنکے کی طرف دیکھتے ہیں اور کبھی لوگوں کی طرف، جب لوگوں کی توجہ وہاں سے ہٹ گئی تو آپ نے ہاتھ بڑھا کر وہ تنکا اٹھایا اور اپنی آستین میں ڈال لیا پھر جب مسجِد سے باہَر نکلے تو اسے پھینک دیا۔ (تاریخ بغداد ج ۲ ص ۱۳)







ISBN 978-969-579-683-2
0101428

مکتبۃ المدینہ (دعوتِ اسلامی)
MC 1366
فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، باب المدینہ (کراچی)
021-34921389-93 Ext: 2634
Web: www.dawateislami.net / Email: ilmia@dawateislami.net